**لطف الله سيال**
ايم. فل اسڪالر، سنڌي شعبو
شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور.

# خليفي نبي بخش لغاريءَ جي سُر ڪيڏاري جو تنقيدي مطالعو

# A CRITICAL STUDY OF 'SUR KEDARO' OF KHALIFO NABI BUX LAGHARI

**Abstract**

Sur Kedaro exists on two subjects in Sindhi poetry; one historical back ground of 'Karbala' and second is historical back ground of battle of 'Khariri'.

Ihsan Fakeer and Shah Abdul Latif are the poets, who have initiated 'Sur Kedaro' with the subject based on the back ground of battle of 'Karbala'. Later on Abdul Raheem Grahori, Ghulam Hyder Terihiyo Sufi Sadiq Faqeer and Khalifo Nabi Bux Laghari have also written 'Sur Kedaro', but except Khalifo Nabi Bux Laghari and Sufi Sadiq Faqeer, 'Sur Kedaro' is consisted upon the back ground of battle of 'Karbala'.

Only Kedaro of Khalifo Nabi Bux Laghari is based on the back ground of battle of 'Khareri', which was taken place between the armed forces of Shah Shuja Afghan and forces of Talpur Rulers of Sindh in 1834 A.D.

Signs of Khariri are available in the shape of police station Khariri, which is situated near Sukkur. Khalifo Nabi Bux Laghari is a first poet of Sindh, who has introduced Kedaro of Sindh, which is purely consist upon the back ground of popular battle of Sindh, known as 'Khariri'.

This paper presents a critical review of 'Sur Kedaro' of Khalifo Nabi Bux Laghari keeping in view the importance of Kedaro of Sindh.

سنڌي ٻوليءَ ڪي شاعر جي روپ ۾ شاهہ لطيف جهڙي لافاني شاعر کان پوءِ جنهن شاعر نون لفظن، استعارن، ڪناين ۽ تشبيهن سان مالا مال ڪيو آهي، اهو آهي خليفو نبي بخش لغاري، جنهن جي شاعراڻي ٻوليءَ ۾ نفاست ۽ پختگي اعلىٰ پد تي پهتل نظر اچي ٿي. سنڌي، سرائيڪي، اردو، هندي ۽ مارواڙي ٻولين ۾ شاعري سرجيندڙ شاعر، خليفي نبي بخش لغاريءَ جي شاعري جيتوڻيڪ اڻٽيهن سُرن

ڪلياڻ، ڪنڀات، سر راڳ، سامونڊي، توڏي، سارنگ، ڪيڏاري، سسئي، سورٺ، بيراڳ هندي، جوڳ، جهنگلي، بروِي سنڌي، راڻي، ڪاموڙي، رامڪلي، رپ، ليلان چنيسر، بلاول، ڏهر، ڪاپائتي، گهاتو، ڍولي ماروءَ، مارئيءَ، ڏناسري، پورب، آسا، ڪارايل ۽ ڪاموڏ تي آڌاريل آهي، پر هتي مطالعي هيٺ صرف سُر ڪيڏاري کي آندو ويو آهي.

سنڌ ۾ سُر ڪيڏاري ۾ ٻن واقعن کي بنياد بنايو ويو آهي، هڪ ڪربلا جو واقعو: ٻيو ڪرڙيءَ جي جنگ جو واقعو. ڪيڏاري لکڻ جو محرڪ آهي. ’ڪرڙيءَ جي جنگ‘ سنڌ جي حڪمرانن ميرن ۽ افغاني شاهه شجاع جي وچ ۾ سکر جي پر ۾ ڪرڙيءَ جي ميدان تي سن 1834ع لڳي، جنهن ۾ سنڌ جا جوڌا ترارن ۽ ڪٽارن سان دشمن فوجن سان دليريءَ سان وڙهيا توڙي جو مخالف فوج توبن سان مسلح هئي. هن جنگ جي اهم ڳالهه اها آهي تہ سنڌ جا جوڌا پنهنجون چيلهون هڪٻئي سان ٻڌي پنهنجي ڌرتيءَ جي تحفظ لاءِ لڙيا ۽ ڪيترائي ڪونڌر شهيد ٿي ويا؛ جن جي جوانمردي ۽ شهادت جو ذڪر خليفي نبي بخش لغاريءَ پنهنجي ڪلام ۾ سُر ڪيڏاري جي نالي سان ڪيو آهي. غلام مرتضيٰ شاهه، سيد ڪاظم شاهه، محمد تقي شاهه، دريا خان نظاماڻي، جهان خان مري، سردار هاشم خان خاصخيلي ۽ ٻيا هن جنگ جا اهي سورهيہ آهن، جيڪي پنهنجي سرن جا نظرانا پيش ڪري تاريخ جا امر ڪردار بڻجي ويا. سُر ڪيڏاري بابت وڌيڪ لکڻ کان اڳ ڪيڏاري لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم بابت ڄاڻ پڻ انتهائي ضروري آهي.

- **ڪيڏارو ۽ ان جو مفهوم**
  - ڪيڏاري لفظ جي لغوي معنيٰ

”ڪيڏارو ج ڪيڏارا: ذ. (ع. ڪَيد = مڪر. فريب ) ف. جنگ- لڙائي) سن. ڪيد + وارو= ڪيڏارو). جنگ- ڪيدارو- لڙائي- معرڪو. جهيڙو. قتل عام. ماتم. (اسم خاص). هڪ سُر يا راڳڻيءَ جو نالو- جنگ جو سُر- درد ڀريو راڳُ- ڪيدارو“. (1)

- ڪيڏاري لفظ جي اصطلاحي معنيٰ

ڪيڏاري جي اصطلاحي معنيٰ توڙي جو جنگ جو ميدان ۾ پيش آيل واقعن جي پيش ڪش جو اڪين جي اڳيان ٿيندي محسوس ٿيندڙ احوال آهي. پر تنهن هوندي بہ مختلف محقق ۽ عالم ان کي ڪيئن ڏسن ٿا، ان جو مطالعو پڻ ضروري آهي.

”ڪيڏارو سنسڪرت لفظ ’ڪيدار‘ جي بگڙيل صورت آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’جنگ جو ميدان‘ هندستاني گوئين موجب ’ڪيداري‘ هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي، جا ديپڪ راڳ جي پنجن ڀاريائن (زالن) مان هڪ آهي“. (2)

”ڪيڏارو لفظ ’ڪيدار‘ جي بگڙيل صورت آهي، جنهن جي معنيٰ آهي

'جنگ جو ميدان'. 'ڪيداري' هڪ راڳڻي آهي، جا ديپڪ راڳ جي پنجن زالن مان هڪ آهي، هن راڳڻيءَ کي "سمپورڻ راڳڻي" ڪري سڏيندا آهن."(3)

- ڪيڏاري جو مفهوم

ڪيڏاري جو مفهوم جنگ جي ميدان ۾ سر جو سانگو لاهي، ڌرتيءَ لاءِ وڙهندي جان قربان ڪرڻ وارن جوڌن جي سورهيائيءَ کي پيش ڪيل منظوم پيتا ئي ٿي سگهي ٿو. ڪيڏاري جي مٿي ڏنل مفهوم لاءِ هينيون دليل پيش ڪجي ٿو:

"ڪيڏاري جو سُر ۽ ان جي شاعري اصل ۾ جنگي جوڌن جي انهي سبر ۽ سورهيائي، سچائي ۽ سرويچيءَ جو بيان آهي، جنهن ۾ هنن ميدان ڪارزار کي رت جو ريج ڏيئي ملهايو هجي: ڪيڏاري جي سُر بنيادي طور تي ڪربلا جي قضئي جي سلسلي ۾ وجود ورتو، جنهن ۾ امامن سڳورن جي بهادري ۽ انهن جي انهيءَ جنگ جي بيان سان هن سُر کي مخصوص ڪيو ويو". (4)

- سنڌ ۾ ڪيڏاري جي شروعات

سنڌ ۾ ڪيڏاري جي تاريخ بہ يقينن اوتري ئي پراڻي آهي، جيتري شاعريءَ جي تاريخ ۽ جنگين جي تاريخ پراڻي آهي. جنهن جو مثال سومرن جي دؤر جي مليل ڳاهُن جي صورت ۾ سنڌي ادب ۾ موجود آهي. پر تنهن هوندي بہ سنڌي شاعريءَ ۾ ڪيڏاري جا مؤجد احسان فقير ۽ شاهہ لطيف چيا وڃن ٿا، توڙي جو سندن ڪيڏاري جو پس منظر ڪربلا جو واقعو آهي.

"سنڌ ۾ جنگي پس منظر ۾ سرجيل شاعري، قديم "ڳاهُن" واري شاعريءَ جي صورت ۾ موجود آهي. جنهن ۾ دودي سومري جي داستان واريون ڳاهون تہ سنڌ جي تاريخ جو اَملهہ ورثو آهن، پر "ڪيڏاري" جو سرجاءُ، احسان فقير ۽ شاهہ لطيف کان ٿيو. شاهہ لطيف ۽ احسان فقير ڪيڏاري جي خوبصورت شاعري ڪئي آهي. ان جي سٽا بيتن جي ادائگيءَ ۽ مواد مان سنڌي پسمنظر جي جهلڪ تہ ملي ٿي، پر ٻنهي ڪيڏارن جو تاجي پيٽو ڪربلا جي قضيي ۽ امامن جي شهادت جي روايتي مضمون تي ٻڌل آهي". (5)

سنڌ ۾ ڪيڏاري جا ڪي ٻيا شاعر پڻ احسان فقير ۽ شاهہ لطيف کان پوءِ سنڌي ادب ۾ ملن ٿا، جن ۾ عبدالرحيم گرهوڙي، صوفي صادق فقير، غلام حيدر تيرهيو سر فهرست آهن، جن جي شاعريءَ جا نمونا پڻ ملن ٿا.

"شاهہ لطيف ۽ احسان فقير کانپوءِ عبدالرحيم گرهوڙي، صوفي صادق فقير، غلام حيدر تيرهيي ۽ خليفي نبي بخش وٽ ڪيڏاري جي شاعري جي روايت موجود ملي ٿي. عبدالرحيم گرهوڙيءَ جا پنج بيت ملن ٿا، جن ۾ ڪربلا جي قضيي جو ئي ذڪر آهي. شاهہ شريف پاڏائيءَ جي شاگرد فقير غلام حيدر تيرهيي، امامن جي

شهادت واري موقعي کي تاريخي روايت جي رنگ ۾ تفصيل سان بيان ڪيو آهي". (6)

سنڌ جي ٻن شاعرن، صوفي صادق فقير ۽ خليفي نبي بخش کي اها اهميت حاصل آهي، جو انهن ٻنهي شاعرن مذهبي وهڪري ۽ روحاني عقيدت کان هٽي ڪري سنڌ جي جنگي جوڌن جي شهادت کي پنهنجي ڪيڏاري جو موضوع بڻايو. صوفي صادق فقير جي ڪيڏاري جو پس منظر توڙي جو سندس مرشد شاهه عنايت شهيد جي شهادت آهي، پر تنهن هوندي به سندس ڪيڏاري ۾ ڪربلا ۾ شهيد ٿيندڙ امان جي واقعي جا عڪس نمايان نظر اچن ٿا.

"صوفي صادق فقير ۽ خليفو نبي بخش لغاري ٻهريان به عوامي شاعر آهن، جن وٽ ڪيڏاري جو موضوع مذهبي جذبي ۽ روحاني عقيدت جي دائري مان نڪري، سنڌ جي سورهيه شهيدن جي ذڪر لاءِ وقف ٿيل نظر اچي ٿو. ٻنهي ڪيڏارن ۾ شهادت وارو مرڪزي نقطو موجود آهي. صوفي صادق فقير، پنهنجي مرشد شاهه عنايت جهوڪ واري جي شهادت کان 50 سال پوءِ، مرشد جي عقيدت ۾ ڪيڏارو لکيو، پر اُن جي پسمنظر ۾ امامن جي شهادت جو پڙاڏو ۽ جهلڪ به موجود آهي". (7)

## ڪرڙيءَ جي جنگ جو پسمنظر

خليفي نبي بخش لغاريءَ جو ڪيڏارو جيئن ته ڪرڙيءَ جي جنگ جي پس منظر ۾ چيل آهي، تنهنڪري ٻهريان ڪرڙيءَ جي جنگ جي پس منظر جي ڄاڻ پڻ ضروري آهي.

انگريزن 1832ع ڌاري، ٽالپرن سان معاهدا ڪري، سنڌ مان قابل وڃڻ جو رستو هٿ ڪري ورتو هو. قابل ۾ انگريزن جو ڇاڙتو، شاهه شجاع تخت تي ويهاريو ويو هو. سنڌ جي ٽالپر حڪمرانن ڪابل جي حڪومت جي ڪا ڪاڻ نه ٿي ڪئي، ان ڪري شاهه شجاع جي فوجن سنڌ جي سِري واريءَ سرحد سان ڪٺونس شروع ڪري ڏني. جنهن جي نتيجي ۾ 4ين شعبان 1649هه مطابق 1834ع ۾ اربع جي ڏينهن، ڪرڙيءَ جي ميدان تي سنڌين ۽ پٺاڻن جي وچ ۾ جنگ لڳي. ڪرڙي سکر ۾ آهي، جنهن جو يادگار، هن وقت به سکر ۾ ڪرڙيءَ جو ٽاڪو موجود آهي.

ٽالپرن جي حاڪم نواب عالم خان مريءَ سکر ۾ شاهه شجاع جي فوج کي منهن ڏيڻ لاءِ محاذ اچي قائم ڪيو. افغان فوج، سردار هدايت الله خان جي اڳواٽيءَ ۾ گوسڙجيءَ ۾ اچي ديرو ڄمايو ۽ اڻ ٻولائي، لڪ چوريءَ حملو ڪري، عالم خان مريءَ کي شهيد ڪري وڌو. ساڻس گڏ چاڪر خان جسڪاڻي ۽ رحيم خان کوسو به شهيد ٿي ويا. هيءُ واقعو 20هين شعبان 1249 هه (1834ع) ۾ ٿيو. عالم خان مريءَ جو پُٽ جهان خان، وڏو جوڌو جوان هو. اُن کي جڏهن اهو معلوم ٿيو ته، لشڪر تيار ڪري وڃي پٺاڻ تي ڪڙڪيو ۽ کيس ماري مات ڪيائين.

جڏهن هدايت خان جي مارجڻ جي خبر قابل ۾ پهتي ته ان بعد سمندر خان

افغان جي ڪمان هيٺ، وڏو لشڪر وٺي شڪارپور تي ڪاهي آيو. سنڌ جي اميرن، سمندر خان سان مقابلي لاءِ لشڪر سنباهڻ شروع ڪيا. عالم خان مريءَ جي شهادت، سنڌ ۾ بدلي جي باهہ اڳي ئي پڙڪائي ڇڏي هئي. سنڌي ماڻهو، سنڌ جي حفاظت لاءِ سر سان ڪفن ٻڌي بيٺا. مير رستم خان پاران محبت خان مري، فضل محمد مري، ڏڱاڻو خان مري، جلال خان مري، نظاماڻين، جلباڻين ۽ ٻين جا دستا سکر پهچي ويا. مير علي مراد طرفان گولي شاهہ کهيريءَ جو پُٽ غلام مرتضیٰ شاهہ بہ روهڙيءَ اُڪري، لشڪر سميت سکر پهچي ويو. (گولو شاهہ مير علي مراد جي فوج جو سپهہ سالار ۽ وزير هو. ذات جو کهيري ٻروچ هو ۽ ”شاهي“ لقب هئس، جيڪو کيس عزت ۽ مرتبي جي ڪري مليو هو.) حيدرآباد جو سيد ڪاظم شاهہ ۽ ياڻس محمد تقي شاهہ، سپاهہ وٺي اچي سکر ۾ ساٿ سان مليا. سمندر خان، شڪارپور مان ٽي هزار سوار ۽ پيادا وٺي، ست توب- گاڏيون ساڻ ڪري، سکر کان چار ميل پري، جعفرآباد ۾ اچي خيما کوڙيا. سنڌي لشڪر جو هڪ حصو، لال واهہ جي پيٽ ۾ اُڏ بنائي ويٺو. سمندر خان روايتي ٺڳيءَ جو مظاهرو ڪري سنڌي لشڪر کان ميل کن پنڌ تي پنهنجو لشڪر بيهاريو ۽ هڪ وڻ تي جنگي جهنڊو کوڙائي، جنگ جو توتارو وڄارايو. باقي لشڪر کي پٺين پاسي کان ڦيرائي، ٽَڪر تي توبن سان مسلح ڪري بيهاريائين، جتان سنڌي لشڪر افغاني توبن جي صفا مُنهن ۾ هو. سنڌي لشڪر اڃا سنبهيو مس تہ افغانن توبن جا مُنهن ڇوڙي ڇڏيا. سنڌي لشڪر اها حالت ڏسي دهليو ڪونہ، پر پير ڄمائي، مُڙسيءَ سان مقابلي لاءِ تيار ٿي بيٺو. غلام مرتضیٰ شاهہ سڌو ٽڪريءَ تي حملو ڪرايو، سڀ کان اڳ سيد ڪاظم شاهہ، هٿ ۾ اگهاڙي تلوار جهلي، گهوڙن جون زينون ڇڪي، سڌو ٽڪريءَ تي رُخ ڪيو ۽ بهادريءَ سان وڙهندي، افغانن جي سرن کي لٽيندي، شهيد ٿي ويو، سندس شهادت پُڄاڻان غلام مرتضیٰ شاهہ ڪونتل ڪُڏائي ”پرڪا ڪارڻ“ پڙ ۾ پهتو.

غلام مرتضیٰ شاهہ ڪمال سورهيائيءَ سان وڙهندي، افغانن جي توب جو نشانو بڻجي ويو. اُن کان پوءِ حيدرآبادي اميرن جو وزير دريا خان نظاماڻي، وڏيءَ دليريءَ ۽ جوان مڙسيءَ سان وڙهي شهيد ٿيو. آخر ۾ جوڌو جوان جهان خان مري، سائيڪو ڄڻن جو سٿ وٺي، پهراڻن جا پلاند هڪٻئي ۾ ڳنڍي، هڪ صف بنجي، ويرين تي وسي پيو. ساڻس گڏ خاصخيلين جو سردار هاشم خان بہ گڏ هو. ترارين تجلا ڪيا، رڻ گجيو راڙو ٿيو، دشمن جا ياڳا لاهي، وڙهندي وڙهندي، سيئي سورهيہ سنڌ جي سينڌ تان گهورجي ويا.

- **خليفي نبي بخش لغاريءَ جو سُر ڪيڏارو**

هن اڀياس جو دائرو هيٺين سوالن تي مبني رکجي ٿو:

⇦ ڪيڏاري جا معيار ڪهڙا ٿي سگهن ٿا؟
⇦ ڇا خليفي نبي بخش لغاريءَ جو سُر ڪيڏارو، ڪيڏاري جي معيارن تي پورو لهي ٿو؟

- ڪيڏاري جا معيار

اهڙي شاعري جنهن ۾ ميداني جنگ ۽ اتان جي حالتن واقعن جو بيان اهڙي ته انداز سان ڪيو ويو هجي، جو جنگ جا ذڪر هيٺ آيل، اُهي سڀ منظر اکين اڳيان ٿيندي محسوس ٿين.

- خليفي نبي بخش لغاريءَ جي سُر ڪيڏاري جو تنقيدي مطالعو

خليفي نبي بخش لغاري هيٺ ڏنل بيت ۾ جتي پنهنجي ديس سنڌ سان عشق ڪندڙ جانثارن ڪي سر ڏئي سرهو ٿيڻ جي منظر نگاري ڪئي آهي، اُتي انهن ڪانئرن جي ڪانئرتا جي عڪاسي بہ ڪئي آهي، جيڪي درياهہ جي دهشتناڪ وهڪري مان بہ تري جان بچائي ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ساڳيءَ طرح مرتضىٰ شاهہ جهڙي اڏول سورمي جي سورهيائيءَ جو منظر پڻ قلمبند ڪيو آهي:

ڪـري ڀـوهـہ ڀـنـاڻ، اڃـي ڀـيـو اوڇـتـو،
دوڙيـا لـڪ دريـاهـہ ڏي، تـارو رڪـي تـاڻ،
جنهن مرتضىٰ سين ماڻ، سو راهہ پريندو رُڪ جي. (ص:41-42)

خليفو نبي بخش لغاري سنڌ جي سرفروش سرويچن جي سر سان ڪفن ٻڌي سورهيائيءَ سان مهاڏو اٽڪائڻ، سرهائيءَ سان جنگ جي ميدان ۾ ڪُڏي پوڻ ۽ سر جو سانگو لاهي ديس ڪي جانين جو نظرانو ڏيڻ ڪي پاڻ لاءِ فخر جو باعث سمجهڻ جي منظر ڪي هن طرح بيان ڪري ٿو:

مـتـي آرڻ اڄ، ڪـونـڌ ڪُـڏنـدي آئـيـا،
پـڙ ۾ پـهـلـوانـن ڪـي، لـڏڻ ڏي نـہ لـڄ،
يـيـتـو وجـن يـڄ، سـائـو ٿـيـن سـامُـهـان. (ص:42)

—

مـوتـيـا مـادَرِ زاد، پُـٽ پـيَـن جـا رانـئِـيـا،
وِئـا وسـاري نـڪـري، يـار نـہ ڪـيـائـون يـاد،
سـنـدو سـوڀ سـواد، سـرَفـروشـن سَـپـجـي. (ص:46)

خليفي نبي بخش لغاري هيئين بيت ۾ انهن سرفروشن جي سرفروشيءَ جي منظر نگاري ڪئي آهي، جن ڪي ڪپار ۾ ڪلنگيون آهن ۽ ڏرتي بہ ڪين ئي آزمائي ٿي. سندس چوڻ موجب هي اُهي مانجهي مڙس آهن، جيڪي هاٿيءَ ڪي هٿ هڻي هٽايو ڇڏين ۽ ٻي هرشيءِ ڪي مڪ جي مثل سمجهن ٿا. هي اُهي جبل جهڙا جوڌا آهن،

جيڪي پڙتان تر جيترو بہ پري ٿيڻ وارا نہ آهن.

ڪلنگيون جن ڪپار ۾، پائي تن پرڪ،
هٽي هٿُ هاٿيءَ کي، ٻي سڀ مهندا مَڪ،
ويا اُڏامي ڪڪ، پِڙ تان پاهڻ نہ چُري. (ص:47)

هينئين بيت ۾ انهن جوڌن جي سورهيائيءَ جو منظرنامو پيش ڪيو ويو آهي، جن کي توڙي جو ڌرتيءَ جي حفاظت لاءِ تڏهوڪي ٽالپر حڪمرانن پاران جوڳي تربيت نہ ڏني وئي هئي، پر تنهن هوندي بہ اُهي اڏول سرويچ سنڌ ڌرتيءَ جي ساک بچائڻ لاءِ توڙي ٽالپر حڪمرانن جي پت رکڻ لاءِ سورهيائيءَ سان وڙهندي پنهنجا سر ڪپائي تاريخ جا امر ڪردار بڻجي ويا.

مَرڪايائون مِيرُ، پَت پاريائون پانهجي،
اهڙو مرد مُنيرُ، گهر سپاڳي سَپجي. (ص:44)

هينئين بيت ۾ انهن سورهيہ سرويچن جي سورهيائيءَ جي منظرڪشي ڪئي وئي آهي، جن پنهنجي زندگيءَ جو مقصد پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ جان نثار ڪرڻ سمجهيو ۽ وطن جي تحفظ لاءِ مياڻ مان نڪتل سندن تلواران ۾ ڪنوڻ جهڙا تجلا موجود هئا.

رڻ ۾ متي راند، اڄ آڳهوري آئيا،
ڪونڌن ڪُلها گڏيا، پاسي ٿي پسماند،
چمڪيون چئني پاند، متي سِر سَرواهيون. (ص:43-44)

هينئين بيت ۾ هڪ طرف تہ شهيد مرتضيٰ جي سورهيائي سان وڙهندي، جان جو نظرانو ڏيڻ جي منظرڪشي ڪئي وئي آهي، ٻي طرف وري ميرن جي وقت سر لشڪر جي ميدان ۾ نہ لاهڻ ۽ ڪوڙ سارن سپاهين جي جان بچائڻ خاطر ميدان مان ڀڄي وڃڻ جي دردناڪ واقعي جي منظر نگاريءَ جي پيشڪش جو انداز بہ نرالو آهي.

اڇي اڄ امير، ڪرڙيءَ خيما ڪوڙيا،
ڀيچي پيڙا نہ ٿيا، مهند نہ آيا مير،
ڏنو سِر سُڌير، مرتضيٰ ميدان ۾. (ص:40)

هينئين بيتن ۾ مرتضيٰ شاهہ جي سورهيائيءَ سان وڙهڻ ۽ پناڻن جي جٿن جا پاڳا لاهڻ، ڪٽاري توڙي جي ڪات جي رت سان وات رڱڻ ۽ مانجهي مڙسن جي هڏ مڃائڻ، ڪرڙيءَ جي ميدان جي رت سان رڱجڻ، سورمن جي جنگ جي ميدان ۾ پرڪ، سؤسسيون ڏئي هڪڙي وک ونڻ جيڪا نيزي سر ڏيئي ميدان کي مرڪائي، ويريءَ جي وجود مان ڪٽارو نہ ڪيڻ، اُنبو وجهي آڳرا ور ور ڪري وڍڻ جي منظرنگاري،

نرالي انداز سان ٿيل آهي.

ڪونڌ قلعي جا ڪوڏيا، نُونڌ نچندا پس،
ڇڏي تَن ترس، پلتيو شاهه پناڻ تي. (ص:41)

—

ڪتاري ۾ ڪات، من مرادون پُنيون،
رَت پريائون وات، مانجهين هَڏ مُچائيا. (ص:42)

—

ڪرڙي ڪائي رَت، پَت نه وجهي وات ۾،
پِڙ ۾ پهلوانن جي، وينـي پرڪي پَت،
جَنين نيڻ نِسَت،نينهن نه لائي تن سين. (ص:40)

—

ڪرڙي ڪائي ماهه، پيئي رت پياليون،
ويني سڏي شاهه، جو ڏيندو سر ڏياچ جيان. (ص:41)

—

سؤ سسين ڏيئي، وِڪ ونجي هيڪڙي،
جنهن نيزي سِر نيئي، مَرڪايو ميدان ۾. (ص:43)

—

ڪتارو مَ ڪَڍُ، ويريءَ جي وجود مان،
وڍؤ ويتو وَڍُ، اُندو وجهي اَڳرا. (ص:44)

هينئين بيتن ۾ مري ذات جي جوڌن جي سورهيائيءَ سان گڏوگڏ، ڪرڙي جنگ جي سورمن جي سر ڏيڻ ۾ سرهائي محسوس ڪرڻ، جنگ جي جانباز سپاهين جي دشمن سپاهه جي وجود کي ياڳا ياڳا ڪرڻ، ڪائرن جي چالبازي کان خبردار رهڻ، ڪتاري ۾ ڪات جي دليريءَ سان استعمال ڪرڻ جي منظرن جي چٽسالي ڪئي وئي آهي.

مري ذات مُڙيءَ جي، تنهن ڳُوءِ ڊجي ڪِينهه،
ظاهر بُت بشر، جو سيني اندر شينهن،
تني چاڙهي چينهه، ڪلنگيون جَن ڪَپار ۾. (ص:47)

—

پڙ ۾ پوڙيءَ رنگ، ماجهين رتا مولهيا،
تريان رت تُرنگ، رڻ ۾ راماٽا ڪري. (ص:42)

—

سِسِي لٿي سوپَ، جي هُوند پايان پاند ۾،
هي جڳ سُوڙو لوپ، هُو پڻ گهوريو گهوريان. (ص:43)

—

هڻ ڪٽارو ڪات، ويري ويرَمَ نہ سهي،
مڇڻ ڪا مصلحات، ڪانئر وجهيئي ڪن تي. (ص:45)

هيئين بيتن ۾ شهيد مرتضىٰ جي سورهيائيءَ سان وڙهڻ، دشمن فوج جي دستن کي ڪٽار سان ڪهڻ، سنڌي سورمن جي دليريءَ سان وڙهندي شهادت ماڻڻ، ڌرتيءَ جي حفاظت خاطر وڙهڻ ريءَ نہ ويهڻ، سورهيہ سرويچن پاران ڌرتيءَ جي محبت ۽ حفاظت جي اولين مقصد جي پس منظر ۾ ڪنڌ کي ڪلهن تي بار سمجهڻ جهڙن انمول منظرن کي نرالي انداز سان بيان ڪيو ويو آهي.

سو مَرَ مَرڪي ميرُ، مَلُ جهين جو مرتضىٰ،
دبائي دشمن کي، ڪنڌ ۾ ڪوڙي ڪِيرُ،
هادي همهہ گيرُ، هٽي ڪُند هٿن سان. (ص:43)

—

سورهيہ سندي سر تي، سسيءَ سندو بار،
جي تُري تَن تَرار، حقُ ادا ٿئو اُن تان. (ص:47)

—

جان جان جهيڙو نہ ڪري، تان تان ناهي سُک،
وڍيو ويريءَ اڳرا، پڇئو لاهي بُک،

خليفي نبي بخش لغاريءَ جتي سورهيہ سرويچن جي سورهيائيءَ جي منظرڪشي ڪئي اهي، اُتي انهن ڌرتيءَ ڌياڻين جي وطن تان ور قربان ڪرڻ جي بي لوث جذبي جي منظرڪشي پڻ ڪئي آهي، جن لاءِ سندن ورن جي شهادت تہ فخر جو باعث آهي، پر سر بچائي جنگ جي ميدان تان پٺي نڪرڻ ڪنهن بہ صورت ۾ قابل قبول ناهي.

جي تُون پٺي آئيين، تہ آءُ تنهنجي پيڻ،
نڪ تنهنجي نَڪَ ۾، وجهان ڏيئي ويڻ،
توڏي ڪٽان نيڻ، تہ ڪَر پَسان پُٽ ڏي. (ص:46)

خليفي نبي بخش لغاريءَ هيئين بيتن ۾ سنڌ جي سورمن جي سورهيائي جو حوالو ڏيندي شجاع کي تنبيهہ ڪري ٿو تہ سنڌ جا سورما ڌرتيءَ کي ساٿيهہ سمجهن ٿا، تنهنڪري بي فڪر ٿي سمڻ جو خيال بہ دل ۾ نہ آڻجانءِ.

شـجـاع ويـهـہ مَر سـنـڌ، اوڏا اڏي نـجـهـرا،
هـتـي راوت رنـد، وتـن قـلـعـي ڪـوڏئـا. (ص:40)

**نتيجو:**

سنڌ ۾ جنگي پس منظر ۾ سرجيل شاعري، قديم 'ڳاهُن' واري شاعريءَ جي صورت ۾ موجود آهي. جنهن ۾ دودي سومري جي داستان واريون ڳاهون تہ سنڌ جي تاريخ جو اَملهہ ورثو آهن، پر 'ڪيڏاري' جو سرجاءُ احسان فقير ۽ شاهہ لطيف کان ٿيو. شاهہ لطيف ۽ احسان فقير ڪيڏاري جي خوبصورت شاعري ڪئي آهي. ان جي سٽاءُ بيتن جي ادائگيءَ ۾ مواد مان سنڌي پسمنظر جي جهلڪ تہ ملي ٿي، پر ﭘنهي ڪيڏارن جو تاجي ﭘيٽو ڪربلا جي قضيي ۽ امامن جي شهادت جي روايتي مضمون تي ﭔڌل آهي.

شاهہ لطيف ۽ احسان فقير کانپوءِ عبدالرحيم گرهوڙي، صوفي صادق فقير، غلام حيدر تيرهيي ۽ خليفي نبي بخش وٽ ڪيڏاري جي شاعريءَ جي روايت موجود ملي ٿي. عبدالرحيم گرهوڙيءَ جا ﭘنج بيت ملن ٿا، جن ۾ ڪربلا جي قضيي جو ئي ذڪر آهي. شاهہ شريف ﭘاڏائيءَ جي شاگرد فقير غلام حيدر تيرهيي، امامن جي شهادت واري موقعي کي تاريخي روايت جي رنگ ۾ تفصيل سان بيان ڪيو آهي.

صوفي صادق فقير ۽ خليفو نبي بخش لغاري ﭘهريان بہ عوامي شاعر آهن، جن وٽ ڪيڏاري جو موضوع مذهبي جذبي ۽ روحاني عقيدت جي دائري مان نڪري، سنڌ جي سورهيہ شهيدن جي ذڪر لاءِ وقف ٿيل نظر اچي ٿو. ﭘنهي ڪيڏارن ۾ شهادت وارو مرڪزي نقطو موجود آهي. صوفي صادق فقير، ﭘنهنجي مرشد شاهہ عنايت جهوڪ واري جي شهادت کان 50 سال ﭘوءِ، مرشد جي عقيدت ۾ ڪيڏارو لکيو، پر اُن جي پسمنظر ۾ امامن جي شهادت جو ﭘڙاڏو ۽ جهلڪ بہ موجود آهي.

خليفي نبي بخش لغاريءَ جي سُر ڪيڏاري ۾ ڪيڏاري جي معيار وارا سڀئي لوازمات موجود آهن. سندس سُر ڪيڏاري ۾ ڪرڙيءَ واريءَ جنگ جا واقعا اهڙي انداز سان بيان ٿيل آهن، جو ﭘڙهندڙ ﭘاڻ کي جنگ جي ميدان ۾ موجود محسوس ڪري ٿو ۽ سمورا واقعا اکين اڳيان ٿيندي محسوس ڪري ٿو. خليفي نبي بخش لغاريءَ جي سُر ڪيڏاري جو حُسن ان ڳالهہ جي ڪري بہ ﭔين سڀني شاعرن کان وڌيڪ نکريل آهي، جو سندس سُر ڪيڏاري جو موضوع خالص سنڌ جي سرويچن ۽ جوڌن جي سورهيائي، جانين جا نظرانا ڏيڻ ۽ سنڌ جي ڪرڙيءَ واريءَ جنگ جو معرڪو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي سپوتن جانين جي پرواهہ نہ ڪندي، ڌرتيءَ جي حفاظت لاءِ بهادريءَ سان وڙهندي ﭘناڻن جي لشڪر جا ڏند کٽا ڪري ڇڏيا هئا. خليفي نبي بخش لغاريءَ جو سُر ڪيڏارو خالص سنڌ جي بنيادي ڪيڏاري جي حيثيت رکي ٿو.

حوالا:


1. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر. *نئين جامع سنڌي لغات*- جلد ٻيو (چ- ڪ)- حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو- ڇاپو ٻهريون. سال: 2005ع، ص: 1395.
2. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊڪٽر. *رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو عرف شاهه جو رسالو*. ڪراچي. ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.. ڇاپو چوٿون. سال: 2012ع، ص: 808.
3. آڏواڻي، ڪلياڻ. *رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي*. ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي. سال: 2004ع، ص: 311.
4. 'ڪاشف'، محمد حسين، *شاهه، سچل ۽ خليفو قاسم*. ڪراچي. ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.. ڇاپو ٻهريون. سال: 2012ع، ص: 165.
5. جويو، تاج. خليفي نبي بخش جي شاعري ۾ سندس دور. *خليفي نبي بخش جي شاعراڻي عظمت*. مرتب: پروفيسر ڊاڪٽر قادر بخش مگسي. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن- ڇاپو ٻهريون. سال: 2015ع. ص: 54.
6. جويو، تاج. حوالو ساڳيو. ص: 54-55.
7. جويو، تاج. حوالو ساڳيو. ص: 55.


مددي ڪتاب:


1. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر. خليفي صاحب جو ڪلام- ڇاپو ٻيو. ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ. سال: 2005ع.

## وفاقي اردو يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي طرفان ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي ڪيل/ ڪندڙ اسڪالرن جا موضوع ۽ نالا

| نمبر | موضوع | اسڪالر جو نالو | سپروائزر جو نالو | رجسٽريشن جو سال | ڊگري |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسند لاڙا ۽ نظر Degree Awarded (2015ع) | ڊاڪٽر عابده گھانگھرو | ڊاڪٽر خورشيد عباسي | 2011ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايڇ - ڊي |
| 2 | ڍاٽڪي لوڪ ادب جو لسانياتي، سماجي ۽ ثقافتي مطالعو (ڊگري جاري ٽيڙ واري) | ڦلو ميگھواڙ | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 2011ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايڇ - ڊي |
| 3 | سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن جو تقابلي جائزو | سيما ابڙو | ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري | 2011ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايڇ - ڊي |
| 4 | الطاف شيخ جو سنڌي سفرنامن جي ترقيءَ ۾ ڪردار (تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس) | رضيه ٻگھيو | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 2011ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايڇ - ڊي |
| 5 | ساميءَ جي ڪلام جو تحقيقي جائزو. | سارنگ چانڊيو | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 2011ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايڇ - ڊي |
| 6 | سنڌي ڪھاڻيڪارائن جي ڪھاڻين جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو | بشير احمد نوناري | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 2013ع | پي ايڇ - ڊي |
| 7 | رتيديري جي علمي ۽ ادبي تاريخ | عبدالحق ياسر قاضي | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 2011ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايڇ - ڊي |
| 8 | سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ جو سنڌي سماج تي اثر | محبوب علي ڦل | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 2011ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايڇ - ڊي |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 9 | سنڌي زبان ۾ لغت نويسيءَ جو تحقيقي مطالعو | رياضت علي ٻرڙو | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 2013ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايچ - ڊي |
| 10 | سگهڙ محمد ملوڪ عباسيءَ جي ڪلام جو تنقيدي ۽ تحقيقي جائزو | طارق عزيز منگي | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 2013ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايچ - ڊي |
| 11 | ٻارن جي رسالي گل ڦل جو تحقيقي، تنقيدي ۽ تاريخي جائزو. | غلام مصطفیٰ سولنگي | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 2013ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايچ - ڊي |
| 12 | ڊاڪٽر ادل سومري جي علمي ۽ ادبي خدمتن جو جائزو | اعجاز حسين حاجاڻو | ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري | 2014ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايچ - ڊي |
| 13 | سنڌي شاعريءَ جي صنف ڪافيءَ جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس | سڪندر احمد پنهيار | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 2014ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايچ - ڊي |
| 14 | انگريزن جي دور ۾ سنڌي نثر جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو | عرفان احمد ميمڻ | ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري | 2014ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايچ - ڊي |
| 15 | شمشير الحيدريءَ جي شخصيت ۽ فن جو تحقيقي جائزو | ثناءُ الله سومرو | ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري | 2014ع | ايم فل |
| 16 | ضلعي نوشهري فيروز جون علمي ادبي شخصيتون | اسدالله چنو | ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري | 2014ع | ايم فل |
| 17 | تاجل بيوس جي شخصيت ۽ فن جو تحقيقي جائزو | نظر حسين ملاح | ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري | 2014ع | ايم فل |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 18 | امداد حسينيءَ جي شخصيت ۽ فن جو تحقيقي جائزو | جاويد احمد شيخ | ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري | 2014ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايڇ - ڊي |
| 19 | دربيلي جي مخدوم خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون (هڪ تحقيقي اڀياس) | مخدوم عبدالمنان | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 2014ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايڇ - ڊي |
| 20 | ابراهيم منشيءَ جي شخصيت ۽ فن هڪ تحقيقي جائزو. | قربان علي چنو | ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري | 2014ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايڇ - ڊي |
| 21 | ممتاز مرزا جي ادبي ۽ ثقافتي خدمتن جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس | طارق عزيز شيخ | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 2015ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايڇ - ڊي |
| 22 | شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ورجيسن / تلميحن جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو | نياز احمد سرڪي | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 2015ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايڇ - ڊي |
| 23 | سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ روزاني عوام آواز جو ڪردار (تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس) | جاويد حسين بوزدار | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 2015ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايڇ - ڊي |
| 24 | تعلقي خيرپور ناٿن شاهه جون علمي ادبي شخصيتون | لياقت علي "همسفر" گاڏهي | ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري | 2015ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايڇ - ڊي |
| 25 | مخدوم امين فهيم جي شخصيت ۽ شاعري: هڪ تحقيقي مطالعو | انور علي ڪاڪا | ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري | 2015ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايڇ - ڊي |
| 26 | قمر شهباز جي شخصيت، فن ۽ فڪر جو تحقيقي جائزو | ام هاني سنڌو | ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري | 2015ع | ايم فل ليڊنگ ٽو پي ايڇ - ڊي |

نوٽ: سنڌي شعبي ۾ 2011ع ۾ تڏهن ايم فل پروگرام شروع ٿيو، جڏهن شعبي ۾ ٻه پي ايڇ- ڊي اُستاد ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري (پهريان ڪان موجود) ۽ ڊاڪٽر ڪمال جامڙو مقرر ٿيو. ڊاڪٽر لغاري اُن وقت شعبي جو چيئرمين هو.

پي ايڇ-ڊي پروگرام 2013ع ۾ ڊاڪٽر ڪمال جامڙي پنهنجي چيئرمينيءَ دوران شروع ڪرايو.

2016ع ۾ پي ايڇ-ڊي پروگرام يونيورسٽي انتظاميہ ڪجهہ سببن ڪري بند ڪري ڇڏيو، جنهن جي نتيجي ۾ رڳو ايم فل ۾ پنج داخلائون ٿيون، جن جو ڪورس ورڪ ڊسمبر 2017ع ۾ مڪمل ٿي چڪو آهي. شاگرد موضوع ڪٽڻ جي تيارين ۾ آهن. سچيءَ يونيورسٽيءَ ۾ 18-2017ع لاءِ ايم فل/ پي ايڇ-ڊي داخلائن جو اجا اعلان نہ ٿيو آهي. آگسٽ 2015ع کان ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري صاحب سنڌي شعبي جو چيئرمين آهي. (ايڊيٽر)